# صحابه ڪرام جي
# هڪ خوبصورت تمنا

**08-June-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

8 جون 2023ء تي اسلامي ڀائرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# صحابہ ڪرام جي هڪ خوبصورت تمنا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ......!

- ... انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جون مبارڪ دعائون
- ... اُمتِ مُسلمہ جي ترقي جو اصل رستو
- ... وقت جو بادشاهہ فقير جي قدمن ۾
- ... نيڪ ماڻهن جون ڪجهہ مبارڪ عادتون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻاهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللہ عَنْہ اڳتي وڌي ڪري عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ هاڻي هاڻي جبريلِ امين عَلَيْہِ السَّلَام مون وٽ آيا ۽ انهن عرض ڪيو: اي محمد صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي نامۂ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائي ڇڏيندو. [1]

اُن پر درود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے (2)

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... حلية الاولياء، جلد:1،صفحہ:120
[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

# بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ يعنيسچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهنديس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# صحابہ ڪرام جي هڪ خوبصورت تمنا

حضرت نجاشي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو حبشہ جو بادشاهه هيو، ۽ انهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري زندگي ئي ۾ ڪلمو پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هي پاڻ تہ ڪنهن سبب جي ڪري بارگاهه رسالت ۾ حاضر نہ ٿي سگهيا، البتہ هڪ ڀيري انهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ 70 افراد تي مشتمل هڪ وفد موڪليو، هي ماڻهو جڏهن بارگاهه رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي سامهون سوره ياسين جي تلاوت فرمائي. انهن جڏهن زبان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مان ربّ العالمين جو ڪلام ٻڌو تہ انهن تي رقت طاري ٿي وئي ۽ زارو قطار روئڻ لڳا. اهڙي پُرسوز تِلاوت ۽ پُرتاثير ڪلام ٻڌي ڪري انهن جون دليون روشن ٿي ويون ۽ هي سيئي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

---

[1]... مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

جڏهن هي خوش نصيب حضرات صحابيت جو شرف ماڻي واپس حبشہ پهتا تہ اُتان جي غير مسلمن انهن کي طعنا ڏنا. ان تي خوشنصيب صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان غيرمسلمن کي جواب ڏنو، الله پاڪ انهن جو اهو جواب قرآن ڪريم ۾ ذڪر فرمايو، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَا لَنَا لَا نُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَمَا جَآءَنَا مِنَ الْحَقِّ ۙ وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۴﴾ (پاره:7،سورة مائده:84) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ اسان کي ڇا آهي تہ اسان الله تي ۽ ان حق تي ايمان نہ آڻيون جيڪو اسان وٽ آيو ۽ اسان لالچ ڪيون ٿا تہ اسان کي اسان جو رب نيڪ ماڻهن سان گڏ (جنت ۾) داخل ڪري ڇڏي |

يعني اسان الله پاڪ ۽ ان جي سچي ۽ آخري رسول صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ايمان ڇو نہ آڻيون؟ جڏهن اهو حق اسان وٽ اچي ويو ۽ اسان ان کي سچائي بہ ورتو، پوءِ ايمان آڻڻ ۾ رڪاوٽ ڪهڙي آهي؟ (اي غيرمسلمو! توهان اسان جي اسلام قبول ڪرڻ تي اعتراض ڪيو ٿا جڏهن تہ) اسان جو حال هي آهي جو اهي خوش نصيب صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جيڪي اسان کان پهريان ايمان ڪٺي آيا. انهن اسان کان وڌيڪ نيڪيون بہ ڪيون، اسان کان پهريان ايمان آندائون، انهن اسان کان پهريان اسلام جي تمام گهڻي خدمت ڪري ترقي بہ ڪري چڪا، افسوس! اسان پهريان ايمان قبول نہ ڪري سگهياسين، اسان انهن جي برابر نيڪيون نہ ڪري سگهياسين، هاڻي تمنّا آهي تہ ڪاش! الله پاڪ پنهنجي رحمت کان اسان کي انهن ۾ شامل فرمائي، ڪاش! اسان جوشمار انهن نيڪ ٻانهن ۾ ٿي وڃي.[1]

---

[1] ... تفسير نعيمى، ج۷، ص۲۷ و ۲۹ خُلاصۃً

سُبْحٰنَ الله! پياراپيارا اسلاميڀائرو! غور فرمايو! ڪيتري پياري خواهش آهي، ڪيتري نرالي تمنّا آهي تہ ڪاش! اللّٰہ پاڪ اسان کي اسان کان پهريان وارن نيڪ ماڻهن ۾ شامل فرمائي. اللّٰہ پاڪ کي انهن نئين مُسلم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو هي جواب، انهن جا هي پيارا جملا ۽ انهن جي هي خوبصورت تمنّا اهڙي پسند آئي جو ربّ ڪائنات قرآن ڪريم ۾ ان کي ذڪر فرمايو ۽ سندن هن تمنّا کي قبوليت سان سرفراز ڪندي فرمايو:

فَاَثَابَهُمُ اللّٰهُ بِمَا قَالُوْا جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَ ذٰلِكَ جَزَآءُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۵﴾

(پاره:7،سورة مائده:85)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ الله انهن جي هن چوڻ جي بدلي انهن کي اهي باغ عطا ڪيا جن جي هيٺان نهرون جاري آهن، هميشہ انهن ۾ رهندا ۽ هي نيڪ ماڻهن جي جزا آهي.

مشهور مفسر حڪيم الامت، مفتي احمديار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت ڪريمہ جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن آيت مان معلوم ٿيو تہ چڱن جو ساٿ ۽ نيڪوڪارن ۾ داخل ٿيڻ الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي، وڏيڪ هي بہ معلوم ٿيو تہ الله پاڪ غفور ۽ رحيم آهي، چاهي تہ هڪ چڱي لفظ جي صدقي سيئي گناه بخشي ڪري جهنمي کي جنتي بڻائي ڇڏي، ڏسو! انهن نئين مسلمان صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان (پنهنجي دل جي تمنّا جو اظهار ڪندي) صرف ايترو چيو:

وَ نَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۴﴾

(پاره:7،سورة مائده:84)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ اسان لالچ ڪيون ٿا تہ اسان کي اسان جو رب نيڪ ماڻهن سان گڏ (جنت ۾) داخل ڪري ڇڏي

الله پاڪ کي انهن جي اها ڳالھ پسند اچي وئي ۽ رب ڪريم انهن کي جنت جو وارث بڻائي ڇڏيو.

| | |
|---|---|
| یَااللّٰہُ! یَارَحْمٰنُ! | یَاحَنَّانُ! یَامَنَّانُ! |
| بخش دے بخشے ہوؤں کا صدقہ | یااللہ! مری جھولی بھر دے |
| واسطہ نبیوں کے سَروَر کا | واسطہ صِدّیق اور عمر کا |
| واسطہ عثمان وحَیدر کا | یااللہ! مری جھولی بھر دے |
| سائل ہوں میں تیری وِلا کا | پھیر دے رُخ ہر رنج وبلا کا |
| واسطہ شاہِ کرب وبلا کا | یااللہ! مری جھولی بھر دے |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جون مبارڪ دعائون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآن ڪريم جون ڪجھ آيتون ۽ انهن جي ضمن ۾ بيان ٿيڻ وارو هڪ واقعو پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي، انهن آيتن ۾ سکڻ جون ڪيئي ڳالهيون آهن، ڪيئي سبق موجود آهن، البتہ هڪ نهايت اهم نڪتو جنهن تي خاص طور اڄ اسان کي غور ڪرڻو ۽ ان کي سمجهڻو آهي، اهو انهن نئين مسلمان صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي هي خوبصورت تمنا آهي:

| | |
|---|---|
| وَنَطْمَعُ اَنْ یُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِیْنَ ﴿۸۴﴾ (پاره:7،سورة مائده:84) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان لالچ ڪيون ٿا تہ اسان کي اسان جو رب نيڪ ماڻهن سان گڏ (جنت ۾) داخل ڪري ڇڏي |

هي اهڙي ڪمال جي، اهڙي بي مثال تمَنّا آهي جو ان جا جيترا فضائل بيان ڪيا

وجن، ان جون جيتريون برڪتون بيان ڪيون وڃن گهٽ آهن، ان بي مثال تمنّا جي اهميت جو اندازو هتان ئي ڪان لڳايو تہ انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلام......!! ڪائنات جون سيني کان بلند ترين هستيون آهن....!! انهن کان وڌيڪ ڪير نيڪ، انهن کان وڌيڪ ڪير متقي، انهن کان وڌيڪ ڪو پرهيزگار، انهن کان وڌيڪ الله پاڪ جو قرب رکڻ وارو ڪو ٿي ئي نٿو سگهي، ان جي باوجود انبياءِ ڪرام عَلَیهِمُ السَّلام عاجزي ڪندا، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ هي دعا ڪندا هئا تہ مولٰي! اسان کي اسان کان پهريان وارن ماڻهن ۾ شامل فرماءِ.

مثلاً الله پاڪ جي نبي حضرت يوسف عَلَیهِ السَّلام بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو:

| | |
|---|---|
| وَّ اَلْحِقْنِیْ بِالصّٰلِحِیْنَ(۱۰۱)<br>(پاره:13،سورة يوسف:101) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ مونکي پنهنجي قرب جي لائق ماڻهن ۾ شامل فرماءِ. |

اهڙي طرح حضرت سُليمان عَلَیهِ السَّلام دعا ڪئي:

| | |
|---|---|
| وَ اَدْخِلْنِیْ بِرَحْمَتِكَ فِیْ عِبَادِكَ الصّٰلِحِیْنَ(۱۹)<br>(پاره:19،سورة نمل:19) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ مون کي پنهنجي رحمت سان پنهنجي انهن ٻانهن ۾ شامل ڪر جيڪي تنهنجي خاص قرب جي لائق آهن. |

اهڙي طرح الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَیهِ السَّلام دعا ڪئي:

| | |
|---|---|
| رَبِّ هَبْ لِیْ حُكْمًا وَّ اَلْحِقْنِیْ بِالصّٰلِحِیْنَ(۸۳)<br>(پاره:19، سورة شعراء:83) | ترجموڪنزالعرفان: اي منهنجا رب! مون کي حڪمت عطا ڪر ۽ مون کي انهن سان ملاءِ جيڪي خاص تنهنجي قرب جي لائق ٻانها آهن. |

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلڻ

جي خواهش ڪرڻ، نيڪ ماڻهن جي مشابهت اختيار ڪرڻ ڪيتري قدر اهم آهي. حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلام الله پاڪ جا نبي آهن، سندن خليل الله آهن، ابوالانبياء آهن، سڀني مخلوقات ۾ سڀني کان افضل هستي اسان جا آقا و موليٰ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهن ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان بعد سڀني کان وڌيڪ جيڪي افضل آهن اهي حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلام آهن پر غور ڪيو! ايترو بلند رتبو هجڻ جي باوجود حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلام دعا ڪهڙي فرمائي.؟

| | |
|---|---|
| وَّ اَلۡحِقۡنِیۡ بِالصّٰلِحِیۡنَ ﴿۸۳﴾<br>(پاره:19، سورة شعراء:83) | ترجموڪنزالعرفان: مون کي انهن سان ملاءِ جيڪي خاص تنهنجي قرب جي لائق بانها آهن. |

يقيناً انبياءِ ڪرام عَليهم السَّلام جون هي دعائون اسان جي تعليم جي لاءِ آهن، انهن ۾ اسان کي هي سيکاريو ويو آهي تہ صالحين يعني نيڪ ماڻهن جي رستي تي هلڻ، انهن جي مشابهت اختيار ڪرڻ الله پاڪ وٽ گهڻو محبوب آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي دور ۾ معاشرو جنهن رستي جو مسافر بڻجي چڪو آهي، اهڙي حالات ۾ هي خواهش دل ۾ وڌائڻ جي گهڻي ضرورت آهي، اسان سڀني جي دل ۾ هي تمنّا ضرور هجڻ گهرجي تہ ڪاش!

| | |
|---|---|
| وَنَطۡمَعُ اَنۡ یُّدۡخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الۡقَوۡمِ الصّٰلِحِیۡنَ ﴿۸۴﴾<br>(پاره:7،سورة مائده:84) | ترجموڪنزالعرفان: ۽ اسان لالچ ڪيون ٿا تہ اسان کي اسان جو رب نيڪ ماڻهن سان گڏ (جنت ۾) داخل ڪري ڇڏي |

## اُمّتِ مسلم جي ترقي جو اصل رستو

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ وقت هيو مسلمان تعداد ۾ گهٽ هئا پر عروج هيو ۽ ترقي ۽ ڪاميابي هر ميدان ۾ سندن مقدر بڻجي پر افسوس! اڄ مسلمان

ڪروڙن، اربن جي تعداد ۾ آهن پر غير مسلم هر هنڌ غالب آهن، سڄي دنيا ۾ مسلمان تقريباً هر هنڌ ئي تَنزُّلي جو شڪار آهن. هن سڄي صورت حال جو اصل بنيادي سبب اهو ئي آهي تہ اڄ مسلمانن پنهنجي اسلاف(پهريان جي بزرگانِ دين، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن) جو رستو ڇڏي ڪري غير قومن کي پنهنجو آئيڊيل ٺاهي ڇڏيو آهي پر ياد رکو! اُمتِ مُسلمہ ٻين سڀني قومن کان مختلف آهي:

اپنی مِلّت پر قِیاس اَقْوامِ مغرب سے نہ کر
خاص ہے ترکیب میں قَومِ رَسُولِ ہاشمی

يعني اُمّتِ مسلمہ جو مزاج ٻين تمام قومن کان مختلف آهي، اسان دنيا جي ڪنهن بہ معاشري. ڪنهن بہ قوم، ڪنهن بہ ملڪ کي پنهنجو آئيڊيل ٺاهيون، اسان هرگزهرگز ترقي نہ ڪري سگهنداسون؟ ڇو...!! ان ڪري جو اُمّت مسلمہ جي تَرّقي جو رستو ٻيو آهي، ٻين قومن جي ترقّي جو رستو ٻيو آهي.

هي ڳالهہ نهايت اهم، سمجهڻ ۽ ذهن ۾ ويهارڻ جي آهي تہ اسان جو ۽ ٻين قومن جو رستو بہ مختلف آهي، منزل بہ مختلف آهي. شايد دنيا جون ٻين قومن کي انهن جي مستقبل ۾ ترقّي ملي ويندي هوندي پر اُمت مسلمہ جي ترقي مستقبل ۾ نہ بلڪ ماضي ۾ آهي، هميشہ ياد رکو! اسان جيترو پنهنجي ماضي جي طرف وڌنداسين، اسان کي اوتري ترقي ملندي.

ڏسو! برصغير ۾ مسلمان غلامي جي زندگي گذاري رهيا هئا. مسلمان ظُلم جي چڪيءَ ۾ پسجي رهيا هئا. مُسلسل تنزُّلي جو شڪار هئا. ڊاڪٽر اقبال ان تنزلي جا سبب بيان ڪندي لکي ٿو:

کس کی آنکھوں میں سمایا ہے شعارِ اَغیار؟
ہو گئی کس کی نگہ طرزِ سلف سے بیزار؟
حیدری فقر ہے، نے دولتِ عثمانی ہے
تم کو اَسْلاف سے کیا نسبتِ روحانی ہے؟

يعني مسلمان جيڪي غلامي جي چڪي ۾ پسجي رهيا آهن، مسلمان جيڪي تنزُلي جو شڪار ٿيا آهن، ان جو سبب اصل ۾ هيءُ آهي تہ انهن پنهنجي اسلاف جو رستو ڇڏي ڏنو، غير قومن کي ڏسڻ شروع ڪيو. جڏهن سچائي هي آهي تہ اُمَّت مسلمہ پنهنجي ترڪيب، پنهنجي مزاج ۾ ٻين تمام قومن کان مختلف آهي، تنهنڪري ۞ مسلمان کي هيءُ ناهي ڏسڻو تہ فلاڻي ملڪ ۾ ڇا ٿي ٿو، مسلمان کي هيءُ ڏسڻو آهي غوث پاڪ رَحمةُ اللهِ عليه ڪيئن زندگي گذاريندا هئا. ۞ مسلمان کي هيءُ ناهي ڏسڻو تہ اڄ دنيا ۾ ٽريڊ ڇا هلي رهيو آهي، مسلمان کي هي ڏسڻو آهي تہ داتا حضور، خواجہ اجمير، اعليٰ حضرت وغيره اولياءِ ڪرام، الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيئن زندگي گذريندا هئا. مطلب تہ: مسلمانن جڏهن بہ ترقي ڪئي آهي، پنهنجي اسلاف جو رستو اپنائي ئي ڪئي آهي ۽ آئنده جڏهن جڏهن ترقي ڪندا، پنهنجي اسلاف جو رستو اختيار ڪري ئي ڪندا. ان کان علاوه اسان وٽ ترقي و ڪاميابي جو ٻيو ڪوبہ رستو ناهي. انهيءَ ڪري اڄ هن ڳالهہ جي سخت ضرورت آهي تہ اسان پنهنجي اسلاف کي پنهنجو آئيڊيل بڻايون، انهن جي نقش قدم تي هلڻ، انهن جهڙي طرز زندگي اپنائڻ، انهن جهڙو بڻجڻ جي شديد خواهش پنهنجي دل ۾ وڌايون، اسان جي دل ۽ دماغ تي هر وقت بس هڪ ئي تمنا سوار هجڻ گهرجي تہ مون کي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جهڙو بڻجڻو آهي. جيڪڏهن اها خوبصورت تمّنا اسان کي نصيب ٿي وڃي تہ يقين ڪيو! اسان جي دنيا سنورجي ويندي ۽ آخرت ۾ بہ ٻيڙو پار ٿي ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

## نيڪ ماڻهن کان مشابهت جا فضائل

الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ تَشَبَّهَ بِقَوْمٍ فَهُوَ مِنْهُمْ

يعني جيڪو جنهن قوم سان مشابهت رکندو آهي، اهو انهن ۾ شمار ٿيندو آهي. هڪ حديث شريف ۾ آهي: مَنْ اَعْجَبَهُ سَمْتُ رَجُلٍ فَهُوَ مِثْلُهُ يعني جنهن کي جنهن شخص جو طريقو چڱو لڳي ٿو، اهو انهيءَ مثل آهي.

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! هنن حديثن تي بار بار غور ڪيو! جنهن کي جنهن جو طريقو چڱو لڳي ٿو، اهو انهي جي مثل آهي. افسوس! اهي نادان جن کي فلمي ايڪٽرن جا اسٽائل سٺا لڳن ٿا، جن کي غيرمسلمن جا انداز وڻن ٿا، جيڪي اٿندي، ويهندي چال ڍال ۾، کائڻ، پيئڻ ۽ پائڻ وغيره ۾ غير مسلمن جي فيشن کي ملحوظ رکن ٿا، افسوس! حديثِ پاڪ جي مطابق اهي انهن جي مثل آهن. ٻي طرف ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جن کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سنتن سان محبت آهي، جن کي صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جون ادائون چڱيون لڳن ٿيون، جن کي غوث پاڪ، داتا حُضور، خواجہ حضور، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جون ادائون پسند اچن ٿيون، اهي خوش بخت جيڪي پنهنجي بزرگن، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي سيرت پڙهندا يا ٻڌندا آهن تہ انهن جهڙو بڻجڻ، انهن جون ادائون اپنائڻ جي خواهش دل ۾ ڏسندا آهن، اهڙي خوش بختن جي ڇا تہ شان آهي رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **جنهن کي جنهن جو طريقو چڱو لڳي ٿو، اهو انهيءَ جي مثل آهي.**

## تون جنهن سان محبت ڪرين ٿو انهيءَ سان گڏ رهندين

صحابي رسول، حضرت ابوذرغِفاري رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ ڀيري بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هڪ ماڻهو آهي، اهو ڪنهن قوم سان محبت ڪري ٿو پر ان جهڙو عمل نٿو ڪري سگهي(ان جي متعلق ڇا حڪم آهي)؟ پياري

نبيءِ رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَنْتَ يَااَبَاذَرٍّ مَعَ مَنْ اَحْبَبْتَ يعني اي ابوذر! تون قيامت جي ڏينهن انهيءَ سان گڏ رهندين، جنهن سان محبت ڪرين ٿو.

## نيڪ ماڻهن سان مشابهت جا ديني ۽ دنياوي فائدا

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جهڙو بڻجڻ جي خواهش ۽ ڪوشش ڪرڻ جي ڇا ته فضيلت آهي...!! عالم سڳورا فرمائن ٿا: ❁ نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل ناهڻ سُنّتِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي هلڻ جو وسيلو آهي ❁ نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل ناهڻ جي برڪت سان الله پاڪ جي خاص مدد ۽ نصرت ملندي آهي ❁ نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل ناهڻ جي برڪت سان پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خصوصي شفقت نصيب ٿيندي آهي ❁ جيڪو نيڪوڪارن کي آئيڊيل بڻائيندو آهي، ان تي الله پاڪ جي رحمت وسندي آهي ❁ جيڪو نيڪوڪارن کي آئيڊيل ناهيندو آهي، ان جي، ان جي اهل و عيال، ايستائين جو ان جي پاڙيسرين جي به حفاظت ڪئي ويندي آهي ❁ جيڪو نيڪوڪارن کي آئيڊيل بڻائيندو آهي، ان جون دعائون قبول ٿينديون آهن ❁ نيڪ ماڻهن جو رستو اپنائڻ جي برڪت سان دنيا ۾ ڀلائي ❁ چڱي ۽ پاڪيزه زندگي ❁ نيڪ اعمال جي توفيق ❁ الله پاڪ جي معرفت ملندي آهي ❁ ۽ جيڪو خوش نصيب نيڪ ماڻهن کي آئيڊيل بڻائيندو آهي، ان کي قبر جي امتحان ۾ ثابت قدمي، محشر جي هولناڪين کان امان، پلصراط کان نجات ۽ جنت ۾ نيڪ ماڻهن جو پاڙو نصيب ٿيندو آهي. ڪنهن عربي شاعر ڇا ته خوبصورت ڳالهه ڪئي آهي:

اِنْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مِنْهُمْ فَتَشَبَّهُوْا — اِنَّ التَّشَبُّهَ بِالْكِرَامِ فَلَاحٌ

ترجمو: جيڪڏهن توهان پاڻ نيڪ ناهيو ته نيڪ ماڻهن جي مشابهت اختيار

ڪيو! بيشڪ نيڪ ماڻهن جي مشابهت اختيار ڪرڻ به فلاح و ڪاميابي آهي.

## وقت جو بادشاھ فقير جي قدمن ۾

شهنشاھ اَورَنگ زيب عالمگير الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، مغليہ سلطنت جا عظيم بادشاھ هيا، سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن جي باري ۾ فرمايو آهي تہ پاڻ پنهنجي وقت جا مجدد بہ هيا. هڪ ڀيري بادشاھ اورنگ زيب عالمگير جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: بادشاھ سلامت! مون کي خبر ملي آهي تہ اوهان جي دربار ۾ اهلِ فن جي تمام گهڻي قدر ڪئي ويندي آهي؟ بادشاھ فرمايو: ها! بلڪل اوهان سهي ٻڌو آهي، صاحبِ فن جي قدر ڪرڻ بہ گهرجي ۽ اسان وٽ ڪئي بہ ويندي آهي. ان شخص عرض ڪيو: عالي جاھ! مان بهروپيو آهيان، مون کي الله پاڪ هي صلاحيت ڏني آهي تہ مان ڪابہ شڪل اختيار ڪري سگهان ٿو ۽ مون کي سامهون وارو سڃاڻي بہ ناهي سگهندو(هي فن Intellegence agency يعني ملڪ جي خفيہ ايجنسي جي لاءِ نهايت ڪارائتو آهي) بادشاھ اورنگزيب ان جي ڳالهہ ٻڌي ۽ فرمايو: صحيح آهي تون مونکي پنهنجو فن ڏيکار! جنهن ڏينهن تو اهڙو روپ اختيار ڪيو جو مان نہ سڃاڻي سگهيس، ان ڏينهن مان توکي انعام ڏيندس. ان شخص ادب سان سلام ڪيو ۽ هليو ويو. ڪجهہ ڏينهن گذريا، بادشاھ سلامت بيمار ٿي پيو، سڄي ملڪ ۾ خبر پکڙجي وئي. هڪ ڏينهن دربان بادشاھ سلامت جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو: عاليجاھ! اوهان جي بيمار هجڻ جي خبر ايران ۾ بہ پهچي وئي آهي، شاھِ ايران اوهان جي علاج جي لاءِ هڪ طبيب موڪليو آهي، جيڪو ٻاهر دروازي تي بيٺو آهي، اوهان حڪم ڏيو تہ مان ان کي اندر وٺي اچان. بادشاھ سلامت طبيب کي اندر اچڻ جي اجازت ڏني، ٿوري دير بعد هڪ طبيب صاحب دربار ۾ داخل ٿيو، وڏو جبو پاتل، مٿي تي وڏي دستار ٻڌل، پنيان غلامن جي هڪ قطار جن

جي مٽي تي دوائن جا ڪاٺن هئا، طبيب صاحب بادشاهه جي خدمت ۾ سلام عرض ڪيو، ادب سان هٿ چمڻ لڳو ته بادشاهه سلامت مسڪرائڻ لڳا ۽ فرمايو: مان تو کي سڃاڻي ورتو آهي، تون طبيب ناهين، بلڪ اهو ئي ٻهروپيو آهين. ايترو ٻڌڻو هيو ته ٻهروپيو شرمسار ٿي ويو ۽ ٻيهر ڪوشش ڪرڻ جو چئي هليو ويو.

ڪجهه ڏينهن گذريا عيدالفطر جو ڏينهن آيو، عيد جي نماز کان بعد ٻيهر دربار لڳايو ويو، بادشاهه سلامت تخت تي تشريف فرما ٿيا، اردگرد جي ملڪن جا تحفا بادشاهه سلامت جي خدمت ۾ پيش ڪيا ويا، انهيءَ دوران هڪ شخص اڳتي وڌيو، عرض ڪيو: عاليجاهه! مان فلاڻي ملڪ جو ايلچي آهيان، اسان جي بادشاهه سلامت اوهان جي لاءِ هڪ انمول هيرو تحفي ۾ موڪليو آهي، هي چئي ڪري ان تحفي وارو ڏٻو کولي بادشاهه سلامت جي سامهون رکي ڇڏيو. باشاهه اورنگ زيب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وري مسڪرائي فرمايو: هن دفعي به مون توکي سڃاڻي ورتو آهي، تون اهو ئي ٻهروپيو آهين. ويچارو ٻهروپيو وري شرمندگي سان سان ڪنڌ جهڪائي هليو ويو، ان دل ئي دل ۾ پڪو اِرادو ڪيو ته هن دفعي مان اهڙو روپ اختيار ڪندس جو بادشاهه سلامت هرگز مون کي سڃاڻي نه سگهندو.

هن واقعي کي ڪافي ڏينهن گذري ويا، پوءِ هڪ ڏينهن بادشاهه سلامت لشڪر ساڻ ڪري جنگ جي لاءِ روانو ٿيو، بادشاهه اورنگ زيب پاڻ به الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هئا ۽ ڪين اولياءِ ڪرام سان عقيدت به تمام گهڻي هئي، بادشاهه سلامت لشڪر سان گڏ سفر تي هيا، رستي ۾ جتي جتي ڪنهن ولي ڪامل جي مزار ايندي هئي، بادشاهه سلامت لشڪر کي روڪيندا هيا، مزار شريف تي باادب حاضري ڏيندا، فاتحه پڙهندا ۽ اولياءِ ڪرام جو فيضان حاصل ڪندي اڳتي هلندا

پئي ويا. هلندي هلندي هڪ پهاڙي علائقي ۾ پهتا، بادشاهه سلامت ڏٺو: هڪ جبل جي پير ۾ هزارين ماڻهن جو هجوم آهي. پاڻ تمام گهڻو حيران ٿيا ته هن غيرآباد علائقي ۾ ايترو هجوم ڇا جي لاءِ آهي؟ خير! معلومات ڪئي وئي ته خبر پئي ته ڪي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها آهن، جيڪي هن جبل جي غار ۾ رهندا آهن، نهايت باڪمال بزرگ آهن، هروقت الله پاڪ جي ياد ۾ اکيون بند ڪري ويٺا هوندا آهن. هي سڀئي ماڻهو پري پري کان سندن زيارت جي لاءِ حاضر ٿيا آهن. اهو ٻڌي ڪري بادشاهه سلامت کي زيارت جو شوق ٿيو، جيئن ته لشڪر روڪيو ويو، رات اُتي ئي گذري، صبح جو بادشاهه سلامت تازو غسل ڪيو، نوان ڪپڙا پاتا، نيڪ ٻانهي جي خدمت ۾ حاضري جي لاءِ ادب طور ٻه رڪعت نفل ادا ڪيا، پوءِ پيرين اگهاڙي غار ۾ تشريف وٺي ويا، ڏٺائين، هڪ فقير اکيون بند ڪيو ويٺو آهي، بادشاهه سلامت ادب سان هٿ ٻڌي پرسان ويهي رهيا، گهڻو دير تائين ويٺا رهيا، ڳالهائڻ، ڪا گفتگو ڪرڻ ته پري جي ڳالهه فقير اکيون کولي ٻه نه ڏٺو، بادشاهه سلامت ڏاڍو متاثر ٿيو ته کڻو نه دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارو بزرگ آهي، وقت جو بادشاهه آيو آهي، انهن کي ڪا پرواهه ناهي، بس الله پاڪ جي طرف لَو لڳائي ويٺا آهن.

گهڻو دير ويهڻ کان بعد بادشاهه سلامت واپسي جو ارادو ڪيو، پنهنجي جڳهه کان اٿيا ۽ نيڪ بزرگ جي تعظيم جي نيت سان قدم چمڻ جي لاءِ اڳتي وڌيا، جيئن ئي بادشاهه سلامت قدمن جي طرف هٿ وڌايو ته فقير بادشاهه سلامت جو هٿ پڪڙي ورتو ۽ چيو: بس! بادشاهه سلامت.....!! هن دفعي مان ڪٿي ويس، تون سڃاڻين نه سگهين(يعني اهو شخص ڪو بزرگ هستي نه بلڪ ٻهروپيو هيو). بادشاهه سلامت جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته ڪائنس خاموشي طاري ٿي وئي ته هي ڇا؟ مان جنهن کي وڏي هستي سمجهي رهيو هيس، اهو ته هڪ ٻهروپيو نڪتو.

خير! هاٿي بادشاه سلامت اشرفين جي ٿيلهي کڻي، ان ٻهروپيي کي ڏيندي چيائين: هن دفعي واقعي تون ڪٿي وئين، هي وٺ پنهنجو انعام...!! پر هاٿي حالت بدلجي چڪي هئي، ان ٻهروپيي ادب سان عرض ڪيو: بادشاه سلامت! هاٿي مون کي هنن سڪن جي ضرورت ناهي، مان ڪو نيڪ ماڻهو ناهيان، مون بس ڪجهه ڏينهن نيڪ ماڻهن جي مشابهت اختيار ڪئي آهي، نيڪ ماڻهن سان ڪجهه ڏينهن جي مشابهت جي اها برڪت آهي جو اڄ الله پاڪ وقت جي بادشاه کي منهنجي قدمن تي جهڪائي ڇڏيو، جيڪڏهن مان واقعي نيڪ ماڻهن جي رستي تي هليس ته الله پاڪ جون ڪيتريون ڪرم نوازيون ٿينديون. هن سابقه ٻهروپيي ايترو چيو ۽ الله پاڪ جي عبادت جي لاءِ جهنگل جي طرف نڪري هليو ويو.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** ڏسو! نيڪ ماڻهن کي پنهنجو آئيڊيل بڻائي انهن جي سيرت تي هلڻ جون ڪيتريون برڪتون آهن، اُن ٻهروپيي بناوٽي نيڪ ماڻهن جو رستو اختيار ڪيو ته الله پاڪ ان کي حقيقت ۾ پنهنجي مقرب ٻانهن جو رستو عطا فرمائي ڇڏيو. اسان کي به گهرجي ته اسان نيڪ ماڻهن جي نقشِ سيرت مان روشني حاصل ڪيون. پنهنجي اسلاف، صحابہ ڪرام، اولياءِ ڪرام، الله پاڪ جي نيڪ، برگزيده ٻانهن جي سيرت پڙهو، انهن جا اوصاف، انهن جي مبارڪ عادتن جي معلومات حاصل ڪيون، پوءِ انهن جهڙو بڻجڻ جي خاطر انهن جي عادتن ۽ طور طريقن کي عملي طور اپنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون.

## پنهنجو آئيڊيل بڻايو!

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مشوري طور هڪ ڳالهه عرض آهي ته ڪنهن نه ڪنهن الله

[1] ... زلف و زنجير ،صفحہ:349- 356 باختلاف بعض الالفاظ۔

پاڪ جي نيڪ ٻانهي کي پنهنجو آئيڊيل لازمي بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هن جون وڏيون برڪتون ملنديون. ڏسو! اميراهل سنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن دور جي ڪامياب ترين شخصيت آهن. يقيناً هي سندن تي الله پاڪ جي ڪرم نوازي آهي، البتہ ظاهري اعتبار سان سندن ڪاميابي جي پنيان جيڪي راز آهن، انهن مان هڪ راز هي بہ آهي تہ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وقت جي تمام وڏي ولي، نائب غوثِ اعظم، عالمِ باعمل، مجددِ دين و ملت، پروانہ شمعِ رسالت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پنهنجو آئيڊيل بڻايو، پاڻ ڏسي وائسي، سوچي سمجهي اعلیٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي پنهنجو آئيڊيل منتخب ڪيو ۽ انهن تي اکيون بند ڪيون.

اسان کي بہ گهرجي تہ اسان ڪنهن ڪامل ولي کي پنهنجو آئيڊيل بڻايون، سوچي سمجهي ڪري بڻايون، پوءِ جڏهن آئيڊيل بڻايون تہ انهن جي نقشِ قدم تي هلڻ شروع ڪيون، جنهن ڪامل ولي کي آئيڊيل بڻايون، انهن جي سيرت پڙهون، انهن جي ادائن، انهن جي عادتن ۽ طور طريقن جي معلومات حاصل ڪيون ۽ پنهنجي سڄي زندگي انهن جي نقشِ سيرت تي هلندي رهڻ جي ڪوشش ڪيون. ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪ اعمال جي توفيق بہ ملندي، زندگي سنورجي بہ ويندي، گناهن کان حفاظت بہ رهندي ۽ الله پاڪ چاهيو تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مڪتبة المدينہ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان، اولياءِ ڪرام، باعمل ۽ عاشقانِ رسول علماءِ ڪرام جي سيرت تي ڪيئي ڪتاب ۽ مختصر رسالا لکيا آهن، جيئن: فيضان صديق اڪبر، فيضان فاروقِ اعظم، الله وارن جون ڳالهيون، غوثِ پاڪ جا حالات، حضرت عمر بن عبدالعزيز جون 425 حڪايتون وغيره ڪيئي ڪتاب آهن، هي ڪتاب حاصل ڪيو! انهن کي پڙهو! صحابہ

ڪرام عَلَيۡهِم الرِّضۡوَان ۽ اولياءِ ڪرام جي پيارين پيارين ادائن کي نوٽ ڪيو! پوءِ انهن کي عملي طور تي اپنائڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

## نيڪ ماڻهن جون ڪجھ عادتون

مڪتبة المدينہ جي 80 صفحن تي مشتمل هڪ نهايت پياري ڪتاب آهي: اخلاقُ الصّالحين. هن ۾ اولياءِڪرام جي ڪجھ مبارڪ عادتن جو تذڪرو آهي. ڪوشش ڪري هي ڪتاب مڪمل پڙهي ونو! اولياءِ ڪرام جون ڪجھ مبارڪ عادتون مان پيش ڪيان ٿو:

## (1) قرآن و سنت جي ڪامل پيروي

اولياءِ ڪرام جي هڪ عادت اها آهي تہ هي وڏي مرتبي واريون هستيون هر معاملي ۾ قرآن ۽ سنت جي پيروي ڪندا آهن بلڪ علامہ شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تہ هي بہ لکيو آهي تہ اولياءِ ڪرام کي ڪوبہ ڪم ڪرڻو هوندو آهي تہ جيستائين خاص ان ڪم جي متعلق قرآن ۽ حديث مان رهنمائي حاصل نہ ڪن، ان وقت تائين اهو ڪم ڪندا ئي ناهن.

سُبۡحٰنَ الله! هي ڪهڙي پياري عادت آهي ۽ اسان هي عادت آساني سان اپنائي سگهون ٿا، رڳو ذهن بڻائڻو آهي تہ جڏهن بہ ڪو اهڙو ڪم ڪرڻو آهي، جنهن جو شرعي حڪم اسان کي معلوم ناهي، اهو ڪم ڪرڻ شرعي طور جائز آهي يا نہ، اسان کي هن جو جيڪڏهن علم ناهي تہ شرعي رهنمائي ونون! پوءِ اهو ڪم ڪيون! جيڪڏهن اسان هي عادت اپنايون تہ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡڪَرِيۡم! ڪيئي گناهن کان بہ بچي ويندا سين ۽ ڪيئي نقصانن کان بہ محفوظ رهنداسين. بعض اوقات انسان اوچتو ڪو ڪاروباري منصوبو ناهيندو آهي ۽ ماڻهو شرعي رهنمائي جي بغير ئي

اهو ڪم شروع ڪري ڇڏيندا آهن. بعض اوقات سالن کان بعد خبر پوندي آهي تہ هي ڪم تہ ناجائز هيو پوءِ ان تي ايتري رقم لڳائي، ان جو ڇا ٿيندو، بعض اوقات ازالي جون صورتون بڻجن ٿيون، بعض اوقات جن کان رقم ورتي آهي، انهن کي واپس ڏيڻي هوندي آهي، مطلب تہ، ڪيئي صورتون آهن، جن تي عمل ڪرڻ، ازالو ڪرڻ بعد ۾ مشڪل ٿي ويندو آهي، لهٰذا ڪوبہ ڪاروبار شروع ڪرڻو آهي، جيڪڏهن ان جي متعلق 100 فيصد يقين سان شرعي معلومات نہ آهي تہ پهريان معلومات وٺو. انهيءَ طرح ڪيئي رسمون اسان وٽ رائج هونديون آهن، انهن مان ڪجهہ رسمون جائز هونديون آهن ۽ ڪيئي ناجائز بہ هونديون آهن، ان معاملي ۾ شرعي رهنمائي وٺندا رهو، مطلب تہ ڪوبہ ڪم ڪرڻو هجي، پنهنجي عادت بڻايو تہ شرعي رهنمائي جي بغير ڪم ناهي ڪرڻو. ان جي لاءِ جيڪڏهن اسان دارالافتاء اهل سنت يا ڪنهن بہ عاشق رسول ماهر مفتي صاحب جو نمبر پاڻ وٽ محفوظ ڪري وٺو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آساني ٿي ويندي.

## (2): اخلاص

نيڪ ماڻهن جي هڪ مبارڪ عادت اها هئي تہ اهي بلند رتبي وارا ماڻهو هر ڪم ۾ الله پاڪ جي رضا کي سامهون رکندا هئا، رياڪاري کان گهڻو بچندا هئا ۽ هر نيڪ ڪم اخلاص سان ئي ڪندا هئا. انهن کي هن ڳالهہ جي پرواهہ نہ هوندي هئي تہ ماڻهو کين سٺو سمجهندا يا برو، انهن جو مقصد رڳو الله پاڪ جي رضا کي حاصل ڪرڻ هوندو هو.

## غيرمسلم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو واقعو ڏاڍو مشهور آهي، هڪ ڀيري پاڻ جنگ ۾ هئا، ڪنهن غير مسلم کان لڙائي هلي رهي هئي، حيدرِ ڪرّار رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ان کي قابو ڪري ورتو، ويجهو هو جو پاڻ

ان کي جهنم پهچائي ڇڏين ها، عين موقعي تي بيباڪي ڪندي ان حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي (معاذالله!) ٿڪ هنئي. هاڻي ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان تي وڌيڪ غصو ڪن ها، ان کي پهريان کان وڌيڪ تڪليف پهچائن ها پر هُو مولاءِ ڪائنات رَضِیَ اللہُ عَنْہ هئا، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان غير مسلم کي ڇڏي ڏنو. اهو غير مسلم وڏو حيران ٿيو ته هي ڇا ماجرو آهي؟ منهنجي حرڪت سان ته انهن کي غصو اچڻ گهرجي ها پر انهن مون کي معاف ڪري ڇڏيو. جڏهن انهن حضرت علي المرتضيٰ، شير خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان هن جي حڪمت پڇي ته پاڻ فرمايائون: مون تلوار رڳو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ پڪڙي آهي، مان خدا جي حڪم جو پابند آهيان، مان پنهنجي ذات جو بدلو ناهيان وٺندو.

## 30 سالن جون نمازون ٻيهر دهرايون

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْہ 30 سالن تائين مسجد جي پهرين صف ۾ (باجماعت) نماز ادا فرمائيندا رهيو، هڪ ڀيري ان کي پهرين صف ۾ جڳهه نه ملي ۽ ٻي صف ۾ بيهي رهيو ته شرم سار ٿيڻ لڳو ته ماڻهو ڇا چوندا ته ڏسو! اڄ هن ماڻهوءَ جي پهرين صف رهجي وئي آهي. اهو خيال ايندي ئي هُو سنڀلجي ويو ۽ پنهنجي نفس کي چيو:" اي نفس! مان 30 سالن تائين جيڪي نمازون پهرين صف ۾ ادا ڪندو رهيس ڇا اهي ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ هيون جو اڄ توکي شرم اچي رهيو آهي!"پوءِ انهن اڳوڻيون 30 سالن جون نمازون دهرايون (يعني ٻيهر ادا ڪيون )

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو. شرعي مسئلو اهو ئي آهي ته جيڪڏهن نماز ۾ اهڙو خيال اچي وڃي ته نماز دهرائڻ ضروري ناهي پر الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي تقويٰ نرالي ئي هئي. بهرحال! اسان کي به گهرجي ته

رياڪاري ۽ ڏيکاءُ کان بچون، هميشہ هر ڪم ۾ الله پاڪ جي رضا کي ذهن ۾ رکو.

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ
گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی!
مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو
کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی!

## (3): ذاتي دشمني نہ رکندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي هڪ پياري عادت هيءَ بہ هئي تہ اهي نيڪ انسان ڪنهن سان بہ دشمني نہ رکندا هئا، انهن جي دوستي ۽ دشمني جو معيار بہ الله پاڪ جي رضا هوندو هو يعني هي حضرات جنهن سان دوستي رکندا هئا تہ دنيا جي لاءِ، مال ڏسي ڪري، ظاهر ٽپ ٽاپ وغيره ڏسي ڪري نہ بلڪ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ چڱن ۽ نيڪ ماڻهن سان ئي دوستي رکندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي ناپسند ڪندا هئا تہ اهو بہ پنهنجي ذات جي لاءِ نہ بلڪ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ يعني الله جي دشمنن کان ئي دشمني رکندا هئا.

افسوس! اڄڪلهہ ڀاءُ ڀاءُ جو گريبان پڪڙي ٿو، پيءُ پٽ ۾ لڙائي ٿيندي آهي، پاڙيسري پاڻ ۾ پيار محبت سان ناهن رهندا، عزيز رشتيدارن سان مرڻ جيئڻ ختم ڪري ڇڏيندا آهن، لڙائي جهيڙا معاشري ۾ وڌندا پيا وڃن ۽ انهيءَ لڙائي جو بنياد ڇا آهي؟ ذاتي بغض، ڪينو، حسد، دنياوي مال و دولت....!! ڪاش! اسان پنهنجي نفس خاطر وڙهڻ ڇڏي ڏيون، اسان جي زندگي جو معيار رڳو الله پاڪ جي رضا جو حصول بڻجي وڃي تہ ان شآءَ الله الڪريم معاشرو امن ۽ سڪون جو گهوارو بڻجي ويندو.

## ايمان جي مضبوط رسّي

هڪ ڀيري مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي پياري صحابي حضرت سيدنا ابوذر غفاري رَضِیَ اللهُ عَنْه کان پڇيو: يَا اَبَاذَرٍّ اَیُّ عُرَی الْاِيْمَانِ اَوْثَقُ؟ اي ابوذر! ايمان جي سڀ کان مضبوط رسي ڪهڙي آهي؟ عرض ڪيو: اَللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَمَ الله ۽ ان جا رسول ئي بهتر ڄاڻن ٿا. فرمايو: اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ محبت ۽ الله پاڪ جي رضا جي ئي لاءِ دشمني رکڻ.[1]

## هاڻي ته رڳو لالچ باقي آهي

ڪاش! اسان ڪي هر تعلق خالص طور الله پاڪ جي رضا جي لاءِ رکڻ جي توفيق ملي وڃي...!! نه ته حالات نازڪ آهن. حضرت احمد بن حسن جريرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پهرين زماني ۾ ماڻهن جو باهمي معاملن جو تعلق دين سان هو، ايستائين جو دين ڪمزور ٿي ويو(يعني دلين مان دين جي اهميت گهٽ ٿيڻ لڳي) ٻئي زماني ۾ ماڻهو وفا جي ذريعي معاملات ڪندا هئا، ايستائين جو وفا ختم ٿي وئي، ٽئين زماني ۾ ماڻهن مروت سان معاملات ڪيا، ايستائين جو مُروت به ختم ٿي وئي ۽ هاڻي لالچ ۽ خوف کان سواءِ ڪجهه باقي ناهي[2]

الله پاڪ اسان کي حرص ۽ هَوس، ذاتي دشمني ۽ لڙائي جهيڙن کان محفوظ فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

## (4): ايثار

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي هڪ پياري عادت هيءَ به

---

[1] ... شعب الايمان ،باب فی مباعدة الكفار والمفسدين،جلد :7،صفحه :70،حديث :9513 ـ

[2] ... احيا علوم الدين ،كتاب آداب الالفة والاخوة ،جلد :2،صفحه :204ـ

هئي تہ اهي حضرات پاڻ تي ٻين کي ترجيح ڏيندا هئا، جيتوڻيڪ پاڻ انهن کي تڪليف بہ ڪٽڻي پوندي هئي پر اهي ٻين کي سڪون پهچائڻ جي ئي ڪوشش ڪندا هئا.

## ايثار جي هڪ اعليٰ مثال

حضرت نوري، حضرت رقام ۽ حضرت ابو حمزه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم اهي ٽئي عظيم صوفي بزرگ هئا، هڪ ڀيري جو واقعو آهي تہ خليفي جو هڪ وزير صوفين سڳورن جو دشمن ٿي پيو، ان هنن ٽنهي بزرگن جي متعلق خليفي جا ڪن ڀريا ۽ خليفي انهن ٽنهي بزرگن کي قيد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. سو انهن ٽنهي بزرگن کي خليفي جي سامهون آندو ويو، خليفي حڪم ڏنو، انهن ٽنهي جو ڪنڌ ڪپيو وڃي. حڪم تي عمل شروع ٿي ويو: جلاد تلوار ڪڍي اڳتي وڌيو ۽ سڀ کان پهريان حضرت رقام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي شهيد ڪرڻ چاهيو، اهو ڏسي ٻيو بزرگ حضرت نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جلدي مان اٿيو حضرت رقام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جاءِ تي تلوار جي سامهون ويهي رهيو، جلاّد چيو: اي شخص هيءَ تلوار ڪا راند ناهي. حضرت نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: توهان صحيح چئو پيا پر دنيا ۾ سڀ کان عزيز شيءِ زندگي آهي ۽ مان چاهيان ٿو تہ زندگي جا جيڪي باقي پساهہ آهن پنهنجي ڀائرن جي لاءِ قربان ڪري ڇڏيان.

خليفي جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تہ معاملو سمجهي ويو، سو قاضي کي هن بزرگن جي متعلق تحقيق جو حڪم ڏنو، آخر هنن ٽنهي بزرگن کي با عزت آزاد ڪيو ويو.[1]

آج ہے اِیثار کا جذبہ جو پروانوں کے پاس | تھی کبھی یہ دولت بیدار اِنسانوں کے پاس

اي عاشقانِ رسول! اهو آهي ايثار....! اسان کي بہ گهرجي تہ اسان هڪ ٻئي کان

[1] ... كَشْفُ الْمَحْجُوب مترجم، صفحہ:274و275بتغيرِ قليلٍ۔

وڏي ڪري قرباني ڏيڻ جي عادت ٻڌايون! ٻين کي راحت پهچائڻ جو ذهن ٺاهيون، جڏهن اسان پنهنجي مسلمان ڀائرن سان ائين مخلص ٿي ويندا سين، انهن جي خاطر قربانيون ڏيڻ جو ذهن ٺاهي وٺندا سين تہ ان شآءَ الله الڪريم! هڪ ٻئي جي محبت دلين ۾ وڌندي، مسئلا حل ٿي ويندا ۽ الله پاڪ چاهيو تہ معاشرو امن ۽ سڪون جو گهوارو بڻجي ويندو.

| | |
|---|---|
| جذبہ اِیثار دِل میں ہو اگر | مسئلوں کا حل نکلتا جائے گا |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ ماڻهن جون اهي ڪجهہ مبارڪ عادتون اسان ٻڌيون، اسان کي گهرجي تہ اسان اهي عادتون اپنايون، ان سان گڏوگڏ نيڪ ماڻهن کي پنهنجو آئيڊيل بہ ٺاهيون. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي اها مبارڪ تمنا جنهن جو بيان اسان شروع ۾ ٻڌو تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان چيو.

| | |
|---|---|
| وَنَطْمَعُ اَنْ يُّدْخِلَنَا رَبُّنَا مَعَ الْقَوْمِ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۴﴾ (پاره:7،سورۂ مائده:84) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اسان لالچ ڪيون ٿا تہ اسان کي اسان جو رب نيڪ ماڻهن سان گڏ (جنت ۾) داخل ڪري ڇڏي |

ڪاش! اها تمنا دل ۾ وڌائڻ نصيب ٿي وڃي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم مدرسۃ المدينہ بالغان

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! دعوتِ اسلامي تحت مسجدن ۾، اسڪول، ڪاليج ۽ مارڪيٽن وغيره ۾ لڳندڙ مدارِسُ المدينہ ۾ وڏي عمر جي اسلامي

ڀائرن کي تجويد سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۽ گڏوگڏ بنيادي ضروري اَحڪام و مَسَائل ۽ سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن.

## فيشن پرست سُنتن جو عامِل بڻجي ويو

بلوچستان جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گهڻو فيشن پرست هيس، چهري تي نہ ڏاڙهي هئي نہ مٿي تي عمامي شريف جو تاج، سنّت جي راهہ کان پري دُنيا جي محبت ۾ پنهنجي قيمتي زندگي کي بي عملي ۽ جهالت جي اونداهي ۾ گذاري رهيو هيس. منهنجي زندگي ۾ روشني هن طرح نمودار ٿي جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي تجويد سان قرآن پاڪ پڙهڻ جو ذهن ڏنو، نماز عشاء کان پوءِ لڳائي ويندڙ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي، مون ان جي نيڪي جي دعوت کي قبول ڪري ورتو ۽ اسلامي ڀائرن جي مدرسة المدينہ ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس، الحمد للّٰه! هن جي برڪت سان مون تجويد سان قرآن ڪريم پڙهڻ سکي ورتو ۽ فيشن پرستي ڇڏي سنّتن جو عامل بڻجي ويس.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے | تلاوت کرنا صُبح وشام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سَلام ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب!

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اَلسَّلَامُ قَبْلَ الْكَلَامِ: سلام ڳالهه ٻولهه کان پهريان آهي.[2]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ❁ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچڻ وڃڻ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❁ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ❁سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو **الله** عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ❁سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مڪي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي.[3] ❁سلام ۾ (اڳرائي) ڪرڻ واري تي **90** رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي **10** رحمتون نازل ٿين ٿيون. ❁ اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ❁ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي **30** نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ❁سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب

[1] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥
[2] ... ترمذی، کتاب:الاستئذان، باب:ماجاء فی السلام قبل الکلام، صفحہ:635، حدیث:2699۔
[3] ... شعب الایمان ج 6 ص 433 حدیث 8786

آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ۞ سلام ۾ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دُهرايو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ (اَسْ۔سَلَامُ ۔عَلَیۡ۔كُمۡ) هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيۡكُمُ السَّلَام (وَعَلَيۡكُ۔مُسْ۔سَلَام) [1]

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ **جلد** 3 **حصو** 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو
سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو
ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. [2]

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] ...550سنتيں اور آداب، صفحہ:30-32۔
[2] ... تفسير مدارک، پارہ:7، المائدة، تحت الآية:83، جلد:1، صفحہ:469خلاصةً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1 ... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2 ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3 ... القول البديع، الباب الاول، ص3125

4 ... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [1]

## ﴿2﴾ چڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو چڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455